# والدين کان صحتمند ٻار جي رت جو نمونو وٺڻ جي لاءِ اجازت نامو

تحقيق جو عنوان:-ڏکڻ ايشيا جي ٻارن ۾ Sepsisجا اسباب ( انيسا )

مطالعو ڪندڙ :- پروفيسر ذوالفقار علي ڀٽہ

فون نمبر:-021-3486782

نئين ڄاول ٻار جو نالو :-------------------------

تحقيق جو سڃاڻپ نمبر :

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |

---

هي پروجيڪٽ انيسا تحقيق جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن تحقيق ۾ گھڻا ئي ادارا شامل آهن. جهڙوڪ ، چائلڊ هيلٿ ريسرچ فائونڊيشن بنگلاديش ، ورلڊ هيلٿ آرگنائزيشن ، جاهن هاپڪنس يونيورسٽسي ان يونائيٽيڊ اسٽيٽ آڪسفورڊ يونيورسٽي ان يونائيٽيڊ ڪنگڊم ، يونيورسٽي آف ٽورانٽو ان ڪئنيڊا ، انٽرنيشنل سينٽر فار ڊاهريل ڊزيز ريسرچ بنگلاديش، آغاخان يونيورسٽي ان پاڪستان ۽ انڪلين ٽرسٽ انٽرنيشنل ان انڊيا.

**تحقيق ڇا لاءِ ٿي رهي آهي ؟**

پاڪستان اندر نون ڄاول ٻارن ۾ انفيڪشن بيمار ٿيڻ ۽ موت جو عام سبب آهن ان ڏس ۾ اسان هڪ تحقيق ڪري رهيا آهيون تہ جيئن اسان هن علائقي جي نون ڄاول ٻارن اندر شديد انفيڪشن جا سبب ۽ خطرات بابت سکي سگھون ۽ هن تحقيق مان جيڪا معلومات حاصل ڪئي ويندي ، ٿي سگھي ٿو تہ هي تحقيق اسان کي اهڙو ڪو رستو ڏيکاري جنهن سان بچاءُ ۽ نئين ڄاول ٻار جو علاج بهتر طريقي سان ڪري سگجھي هن ڪوشش وسيلي ٿي سگھي ٿو تہ مستقبل ۾ نون ڄاول ٻارن جون زندگيون بچائي سگھجن .

**توهان جي ٻار کي ڇا لاءِ شامل ٿيڻ لاءِ چيو ويو آهي ؟**

توهان اڳي ئي پنهنجي ٻار جي پهرئين ٻن مهينن دوران سي ايچ ڊبليو پاران چڪاس لاءِ راضي ٿيا آهيو ، ڪجھ ٻارن مان جن جا مسلسل دورا ٿي رهيا هوندا انهن مان ڪجھ صحتمند ٻارن جا هڪ مخصوص طريقيڪار موجب ممڪنہ انفيڪشن لاءِ رت جا نمونا ورتا ويندا. اهڙا ٻار جيڪي اڳيئي انيسا تحقيق ۾ شامل رهيا هجن يا اهي ٻار جيڪي گھٽ ۾ گھٽ ٽن ڏينهن تائين اسپتال ۾ داخل ٿيا هجن تہ اهڙا ٻار هن حصي ۾ شامل نہ ڪيا ويندا.

**توهان کي ڇا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو ؟**

جيڪڏهن توهان جو ٻار هن تحقيق ۾ شامل ٿئي ٿو تہ اڄ جسم جي هيٺين حصي مان پاٽيات جا نمونا حاصل ڪيا ويندا.

1) رت ( ٽي ملي ليٽر جيڪو هڪ چمچي کان بہ گھٽ مقدار جيترو هوندو ) اهو هڪ عام طريقي ڪار آهي جنهن ۾ ٻار جي ٻانهن يا ڄنگھ مان سئي وسيلي رت جو نمونو حاصل ڪيو ويندو جيڪو هڪ پلاسٽڪ جي ٽيوب ۾ جمع ڪيو ويندو.

Matiari Research & Training Centre